SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 2010
# SINDH ACT NO.XVI OF 2010
# زمين طلبي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2009
# THE LAND ACQUSITION (SINDH AMENDMENT) ACT, 2009
## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعه 16 جي ترميم
Amendment in Section 16 of Act No.I of 1894

3. 1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعه 23 ۽ دفعه 24 جي ترميم
Amendment in Section 23 and Section 24 of Act No.I of 1894

4. 1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعه 28_A کي ختم ڪرڻ
Omission of Section 28_A of Act No.I of 1894

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 2010
# SINDH ACT NO.XVI OF 2010
# زمين طلبي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2009
# THE LAND ACQUSITION (SINDH AMENDMENT) ACT, 2009

[9 جولاءِ 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي زمين طلبي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2009 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 29 آڪٽوبر 2009 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعه 16 جي ترميم
Amendment in Section 16 of Act

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 16 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو:

| | |
|---|---|
| No.I of 1894 | "بشرطيڪ عيوضي جي قيمت قبضو حاصل ڪندڙ اٿارٽي طرفان زمين جي مالڪ کي ادا ڪئي ويندي يا ان جي نالي تي سول ڪورٽ ۾ زمين جو قبضو وٺڻ کان اڳ جمع ڪرائي ويندي". |
| 1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 23 ۽ دفعہ 24 جي ترميم Amendment in Section 23 and Section 24 of Act No.I of 1894 | 3.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ان جي هيٺان وضاحت ۾ دفعہ 24 ۾ انگ "4" لاءِ انگ "6" متبادل ٿيندو. |
| 1894 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 28_A کي ختم ڪرڻ Omission of Section 28_A of Act No.I of 1894 | 4.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 28_A کي ختم ڪيو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت ختم ڪيو ويندو، جڻ اهو ڪڏهن لاڳو ئي نہ ٿيو هو.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |